SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريہ 1989

SINDH ACT NO.VII OF 1989

سنڌ سول سرونٽس (ايڊهاڪ مقررين جي مستقلي) ايڪٽ، 1989

THE SINDH CIVIL SERVANTS (REGULARIZATION OF ADHOC APPOINTMENTS) ACT, 1989

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. ڪن سول ملازمن جي نوڪري جي مستقلي
Regularization of services of certain civil servants

4. نوڪري تان هٽائڻ جو طريقيڪار جتي نوڪري تان هٽائڻ ضروري هجي
Procedure for termination of services where such termination is necessary

5. سينيارٽي
Seniority

سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريہ 1989

SINDH ACT NO.VII OF 1989

سنڌ سول سرونٽس (ايڊهاڪ مقررين جي مستقلي) ايڪٽ، 1989

THE SINDH CIVIL SERVANTS (REGULARIZATION OF ADHOC APPOINTMENTS) ACT, 1989

[22 مئي 1989]

تمهيد (Preamble)

ايڪٽ جنهن ذريعي ايڊهاڪ بنيادن تي پرتي ڪيل ڪجهہ سول ملازمن جي نوڪري کي مستقل ڪيو ويندو.

جيئن تہ ايڊهاڪ بنيادن تي پرتي ڪيل ڪجهہ سول ملازمن جي نوڪري کي مستقل ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جيڪو هن ريت هوندو:

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ سول سرونٽس (ايڊهاڪ مقررين جي مستقلي) ايڪٽ، 1989 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2. (1) هن ايڪٽ ۾، جيستائين ڪجهہ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(a) "ايڪٽ" مطلب سنڌ سول سرونٽس ايڪٽ،

1973؛

(b) "ڪميشن" مطلب سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن؛

(c) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛ ۽

(d) "پوسٽ" مطلب سنڌ حڪومت طرفان صوبي جي معاملن لاءِ پيدا ڪيل پوسٽ.

(2) اظهار "ايڊهاڪ مقرري" ۽ "سول سرونٽ" جو مطلب هن ايڪٽ ۾ ڏنل مفهوم مطابق هوندو.

ڪجهه سول ملازمن جي نوڪري جي مستقلي

Regularization of services of certain civil servants

3. (1) جيستائين ڪجهه هن ايڪٽ يا قاعدن، يا ڪنهن ڊڪري، حڪم يا ڪورٽ جي فيصلي جي متضاد نه هجي، پر هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب هجي، هڪ سول سرونٽ جنهن جي هڪ عهدي تي ايڊهاڪ مقرري ڪئي وئي هجي يا 12 آڪٽوبر 1988 کان اڳ ۽ هن ايڪٽ جي شروعات تائين جاري رکيو هجي، ان سلسلي ۾ مليل حڪمن تي، هن ايڪٽ جي شروعات واري تاريخ کان ڪارگر نموني ان عهدي تي مستقل مقرر سمجهيو ويندو.

(2) ذيلي دفعه (1) تحت حڪم تيستائين جاري نه ڪيا ويندا جيستائين اهڙن سول ملازمن جي تعليمي قابليت، تجربي، عمر ۽ ڊوميسائيل جي هنڌ جي جاچ پڙتال نه ڪئي وڃي ۽ ان کي حڪومت جي مقرر ڪيل خاص ڪميٽي طرفان ڪليئر قرار نه ڏنو وڃي.

(3) ذيلي دفعه (2) تحت جوڙيل خاص ڪميٽي جي سربراهي لاڳاپيل کاتي جو سيڪريٽري انچارج ڪندو ۽ ٻين ۾ شامل هوندا ان کاتي ۽ سروسز ۽ جنرل ايڊمنسٽريشن ڊپارٽمينٽ مان هڪ هڪ نمائندو.

نوڪري تان هٽائڻ

4. جتي ڪميشن، ڪنهن شخص جي هڪ ڪيڊر پوسٽ يا

ملازمت تي هن ايڪٽ جي شروعات کان اڳ مقرري جي سفارش ڪئي آهي تہ ان ڪيڊر يا نوڪري تي مقرر سڀ کان جونيئر ايڊهاڪ يا سول سرونٽ کي هٽائي اهڙي شخص کي مقرر ڪيو ويندو، جيڪڏهن ضروري هجي:

بشرطيڪ جڏهن ٻہ يا ٻن کان وڌيڪ ايڊهاڪ يا سول ملازم جيڪي ٻئي ساڳي گريڊ يا هڪ جهڙي آسامئ تي هجن، انهن جي مقرري جي تاريخن تي ملازمت ۾ سڀ کان ننڍي عمر وارن کي برطرف ڪيو ويندو.

جو طريقيڪار جتي نوڪري تان هٽائڻ ضروري هجي

Procedure for termination of services where such termination is necessary

سينيارٽي

Seniority

5.(1) سول ملازم جن جي نوڪري کي مستقل ڪيو ويو آهي، هن ايڪٽ تحت انهن جو رتبو جونيئر ڄاتو ويندو:

(a) ساڳي ملازمت يا ڪيڊر رکندڙ سول ملازم کان، جيڪي هن ايڪٽ جي شروعات وقت ملازمت يا ڪيڊر ۾ مستقل بنيادن تي آهن؛

(b) اهڙن ماڻهن کان، جيڪڏهن ڪو آهي، جيڪي انهن جي مقرري جي حقيقي تاريخ جي ابتڙ هن ايڪٽ جي شروعات کان اڳ ڪميشن جي سفارشن تي ملازمت يا ڪيڊر ۾ ترتيبوار مقرر ڪيا ويا آهن.

(2) سول ملازمن جي گهڻ رخي سينارٽي جن جي ملازمت هن ايڪٽ تحت ساڳي ملازمت يا ڪيڊر ۾ مستقل ڪئي وئي آهي، انهن جي اهڙي ملازمت يا ڪيڊر ۾ لاڳاتار مقرري جي بنيادن تي طئي ڪئي ويندي.

بشرطيڪ جتي انهن جي لڳاتار مقرري جون تاريخون ساڳيون آهن تہ، عمر ۾ ننڍن جي پيٽ ۾ وڏي عمر وارن جو عهدو مٿي رکيو ويندو.

نوٽ:ـ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.